سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# رسولِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلہٖ وَسَلَّم

# جا 3 حق (قسط: 2)

04 سيپٽمبر 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **رسولِ ذيشان** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلہٖ وَسَلَّم **جا 3 حق (قسط: 2)** بابت مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **فرض نمازڪان بعد پڙهڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: توهان مون تي درود پڙهو، بيشڪ اهو توهان جي لاءِ پاڪيزگي آهي.(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلہٖ وَسَلَّم جا 3 حق (قسط: 2)

### آيت مبارڪ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ

(پارو: **5**، سورة النساء: **59**)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! اللہ جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو.

### فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان مان ڪو بہ شخص ايستائين (ڪامل) مومن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين مان هُن جي لاءِ

---

1...مسند امام احمد، مسند ابی ھریرہ، جلد:4، صفحہ:409، حدیث:9004۔

سندس پيءُ، اولاد ۽ سيني ماڻھن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان.[1]

## رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآله وَسَلَّم جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا اسان تي بيشمار حق آهن، جن مان 3 حق اسان اڳ ۾ سکي چڪا آهيون، 3 حق اڄ سکنداسين. اچو تہ پھريان اڳ ۾ سکيل حق دھرائي وٺون ٿا. **(1):** نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ **(2):** پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ادب ۽ احترام ڪرڻ **(3):** سندن پيروي ڪرڻ.

وڌيڪ 3 حق ھي آھن:

### پھريون حق: محبت ڪرڻ

**وضاحت :** دل جي جھُڪاءَ (ميلان) کي محبت چئبو آھي، ھي ميلان جيترو گھرو ھوندو آھي، محبت اوتري ئي شديد ھوندي آھي. يعني محبتِ رسول جو مطلب آھي: دل شدت سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي طرف مائل رھي.[2] اھڙي محبت دين جو اھم فرض بلڪ ايمان جو بنياد آھي، ڇو جو ان کان سواءِ ايمان مڪمل ٿي ئي نہ ٿو سگھي.[3]

مُحَمَّد کی محبّت دِینِ حق کی شرطِ اَوَّل ہے | اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمل ہے

**محبتِ رسول جا ڪجھ عملي تقاضا:** ۞ سنتن تي عمل ڪرڻ ۞ فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪرڻ ۞ سندن بيان ڪيل احڪامن کي پنھنجي نفساني خواھشن تي ترجيح ڏيڻ ۞ ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ

1…بخاری، کتاب الایمان، حب الرسول صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم من الایمان، صفحہ:74، حدیث:15۔
2…مدارج النبوۃ، باب نہم ذکر حقوق آنحضرت، فصل در لزوم محبت آنحضرت، جلد:1، صفحہ:292 مفصلًا۔
3…فتاویٰ رضویہ، جلد:24، صفحہ:453 مفصلًا۔

آلِہٖ وَسَلَّم جي ڪثرت ڪرڻ ۞ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ديدار جي تمام گهڻي تمنا رکڻ ۞ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بي حد تعظيم ڪرڻ ۞ تمام گهڻو ادب ڪرڻ ۞ ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وقت ڪَنڌُ ادب سان نمائڻ وغيره، هي سڀ محبتِ رسول جا عملي تقاضا آهن.

## ٻيون حق: درود پاڪ پڙهڻ

**وضاحت:** قرآن مجيد ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

(پارو: 22، سورة الاحزاب: 56)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.

**علماءِ ڪرام فرمائن ٿا:** محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا حق اسان تي ايترا آهن جو اسان انهن کي ادا ڪري ئي نہ ٿا سگهون. رب ڪريم درود شريف پڙهڻ جو حڪم ڏنو جو ائين ڪرڻ سان ڪجهه حقن جي ادائيگي ٿي ويندي.[1]

**يادرکو...!!** ۞ زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ فرض آهي.[2] ۞ جنهن بہ مجلس ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ پاڪ پاڻ ڪريو يا ڪنهن ٻئي کان ٻڌو، ان وقت درود شريف پڙهڻ واجب آهي.[3] ۞ جيڪو ذڪرِ پاڪ ڪرڻ يا ٻڌڻ کان پوءِ درود شريف نہ پڙهي، اهو ترڪِ واجب جي سبب گنهگار ٿيندو.[4] ۞ اهو ضروري نہ آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ ورتو يا ٻڌو

---

1...القول البديع، صفحہ:34، ملخصاً۔
2...در مختار کتاب الصلاۃ، باب صفۃ الصلاۃ، صفحہ:71۔
3...بہار شریعت، جلد:1، صفحہ:533، حصہ:3 ملخصاً۔
4...فتاویٰ رضویہ، جلد:6، صفحہ:222، ماخوذاً۔

تڏهن ئي درود پڙهڻ واجب آهي، بلڪ هر اهو لفظ جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ذات مبارڪ تي دلالت ڪري (مثال طور: پاڻ، حضور، رسولِ هاشمي وغيره)، اهڙن لفظن سان بہ درود شريف پڙهڻ واجب آهي.(1) ۞ مختلف مجلسن ۾ (مثال طور: اوهان هڪ جاءِ تي ويٺا هئا، اُتي ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٿيو، پوءِ اتان اٿي ڪنهن ٻي جاءِ تي ويا، اتي بہ ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٿيو تہ) هر دفعي درود شريف پڙهڻ واجب آهي نہ پڙهيو تہ گنهگار ٿيندا.(2) ۞ پر جيڪڏهن هڪ ئي مجلس ۾ بار بار ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٿئي تہ ان بابت علماء ۾ اختلاف آهي. **ڪجھ علماء فرمائن ٿا:** هڪ ئي مجلس يا محفل ۾ چاهي هزار دفعا ذڪرِ پاڪ ٿئي، هر دفعي درود شريف پڙهڻ واجب آهي، اگر هڪ دفعو بہ ڇڏيو تہ گنهگار ٿيندو. جڏهن تہ **ٻيا علماء فرمائن ٿا:** هڪ ئي جلسي ۾ بار بار ذڪرِ پاڪ ٿئي تہ هڪ دفعو درود شريف پڙهڻ واجب آهي ۽ هر بار پڙهڻ مستحب آهي. اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مناسب هي آهي تہ هر دفعي درود شريف پڙهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اها شيءِ جنهن جي ڪرڻ ۾ وڏيون رحمتون ۽ برڪتون آهن ۽ نہ ڪرڻ ۾ بيشڪ وڏي فضل کان محرومي آهي، تنهن کي ڇڏڻ ڪنهن عقلمند جو ڪم نہ آهي.(3) ۞ خطبي جي دوران جيڪڏهن ذڪرِ پاڪ ٻڌو تہ صرف دل ۾ درود شريف پڙهو، زبان سان پڙهڻ جائز نہ آهي، چو جو تہ ان وقت خاموش رهڻ فرض آهي.(4)

## ٽيون حق: نسبت جو ادب ۽ احترام ڪرڻ

**وضاحت:** يعني هر اها شيءِ جنهن کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

---

1...فتاویٰ اہلسنت، ریفرینس نمبر 9649۔
2...فتاویٰ رضویہ، جلد:6، صفحہ:222 بتغیر قلیل۔
3...فتاویٰ رضویہ، جلد:6، صفحہ:222،223 ملخصاً۔
4...فتاویٰ رضویہ، جلد:8، صفحہ:365 بتغیر قلیل۔

وَآلِہٖوَسَلَّم سان نسبت حاصل آهي، ان جي دل سان تعظيم ڪرڻ، ادب ۽ احترام بجا آڻڻ پڻ حقوقِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم مان هڪ اهم ترين حق آهي.

**نسبت متعلق ادب جا ڪجھ مثال:** جهڙوڪ ۞ صحابهءِ ڪرام ۞ اهلِ بيتِ پاڪ ۞ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم جون ازواجِ مطهرات ۞ ۽ اولادِ پاڪ جو انتهائي ادب ڪرڻ، ڪو هڪڙو لفظ بہ انهن جي بي ادبيءَ وارو زبان تي نہ آڻڻ ۞ مدينو شريف ۞ مديني جي مٽي ۞ ايسيتائين جو مديني شريف جي ڪنڊن جو بہ ادب ڪرڻ ۞ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم جا وارَ مبارڪ ۞ نقشِ نعلين شريف ۽ هر اها شيءِ جنهن کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم سان نسبت هجي، توڙي جو اها نسبت پَري جي ئي ڇو نہ هجي ان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ لازم ۽ ضروري آهي.

## دهرائي

**اڄ اسان رسولِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جا 3 حق سکيا آهن. ذهن نشين ڪري وٺو!**

**(1):** محبت ڪرڻ **(2):** پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ **(3):** نسبتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم جو ادب ۽ احترام ڪرڻ

**نوٽ:** حقوقِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جا ڪتاب ۞ سيرت مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖوَسَلَّم، صفحو: **825** کان **850** ۽ ۞ سيرتِ رسولِ عربي، صفحو: **628** کان **695** پڙهو.

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### فرض نماز کان بعد پڙهڻ واري دعا:

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو:** اي اللّٰه! تون سلامتي ڏيڻ وارو آهين ۽ تنهنجي ئي طرفان سلامتي آهي، تون برڪت وارو آهين اي جلال ۽ بزرگي وارا. (1)

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيک اعمال)

## روزانو 56 نيک اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟

**(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَةُ الْاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مکتبة المدينه جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينه بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ڀين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناهه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار

---

1…مدنی پنج سورہ، صفحہ:225۔

قبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰةالّليل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** بين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجھ نہ ڪجھ وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٿهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟

**(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاٺي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟